# سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2015

# SINDHACT NO.XLII OF 2015

# ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE KARACHI WATER AND SEVERAGE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2015

## (CONTENTS)فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1996.2 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X ۾ نئين دفعه A_14 جي شموليت
Insertion of new section 14_A in Sindh Act No.X of 1996

3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XLII مجريه 2015

# SINDH ACT NO.XLII OF 2015

# ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2015

# THE KARACHI WATER AND SEVERAGE BOARD (AMENDMENT) ACT, 2015

[26 آڪٽوبر 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996 ۾ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن ته ڪراچي جي رهواسين کي محفوظ پيئڻ ۽ گهريلو استعمال جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ضروري ٿي پيو آهي ته ان جي آسان ۽ بنا رڪاوٽ جي وسيلي کان منزل تائين رسائي کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ پاڻي چوري، غير قانوني هائڊرنٽس، آئوٽ ليٽ ڪنيڪشنز ۽ پاڻيءَ جي ترڪن کي نقصان رسائڻ وارن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي ته واٽر اينڊ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996 ۾ ترميم ڪئي وڃي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

| | |
|---|---|
| 1.(1) هن ايڪٽ کي ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ (ترميم) ايڪٽ، 2015 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and commencement |
| 2.ڪراچي واٽر ۽ سيوريج بورڊ ايڪٽ، 1996 ۾، دفعه 14 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي:<br>"A_14. (1) جيڪڏهن ڪو شخص جيڪو:<br>(a) نقصان پهچائي ٿو، پنڪچر ڪري ٿو واٽر ٽرڪ مينز رينجنگ ارڙنهن انچ قطر کان چوراسي انچ قطر، ڪئنالز، پمپنگ اسٽيشنز ناليون، پائيپ، ذخيرا ۽ بورڊ جا چيمبرز ڪنهن مقصد لاءِ بشمول پاڻيءَ جي وڪرو يا غير قانوني ڪنيڪشنز ڪڍڻ جي؛<br>(b) صنعتي، ڪمرشل يا رهائشي استعمال لاءِ غير قانوني هائڊرنٽ لڳائي ٿو؛ ۽<br>(c) بورڊ جي زمين تي حددخلي ڪري ٿو؛<br>ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي جنهن جي مدت ڏهه سالن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو هڪ ملين رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.<br>(2) ذيلي دفعه (1) تحت ڪيل ڏوهه ازالي لائق هوندا.<br>(3)ذيلي دفعه (1) تحت سزا لائق ڏوهن تي سيشنز ڪورٽ طرفان ٻڌڻي ڪئي ويندي.". | 1996 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X ۾ نئين دفعه A_14 جي شموليت<br>Insertion of new section 14_A in Sindh Act No.X of 1996 |

| | |
|---|---|
| 3. ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 2015 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**